
# شيرِ خدا جا رضي الله تعالیٰ عنه

## روشن فيصلا

15-June-2017

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شير خدا جا روشن فيصلا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**نبي ڪريم رؤفٌ رَّحيم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ الله** عَزَّوَجَلَّ **جا ڪجھ ملائڪ زمين ۾ سير ڪن ٿا ۽ درودِ پاڪ پڙهڻ واري جو درود شريف مون تائين پهچائن ٿا.** (نسائي،ڪتاب السهو،باب السلام علي النبي،ص۲۱۹،حديث:۱۲۷۹)

هم غريبوں کے آقا پہ بے حد دُرود هم فقيروں کی ثَروت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون**

سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُواالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 100 دِينارَ ۽ 2 فريبي شخص

هڪ دفعي قبيلہ قريش جي هڪ عورت وٽ ٻه ماڻهو آيا ۽ انهن ان عورت وٽ امانت طور 100 دِينار رکرايا ۽ چيائون ته اسان ٻئي گڏ وٺڻ اچون ته امانت واپس ڪجان، اسان مان ڪو اڪيلو اچي ته هرگز نه ڏجان، هڪ سال گذرڻ کان

پوءِ هڪ شخص آيو ۽ ان عورت کي چيائين: منهنجو ساٿي فوت ٿي ويو آهي، اهي 100 دينار مون کي واپس موٽائي ڏئي. عورت انڪار ڪندي چيائين: توهان ٻنهي شرط رکيو هو ته اسان ٻئي گڏ اچو ته اها امانت ادا ڪجان، اسان مان ڪنهن اڪيلي شخص کي نه ڏجان، تنهنڪري تو کي نه ڏينديس. ان شخص عورت جي واسطيدارن ۽ پاڙيسرين کي مجبور ڪيو ته اهي عورت تي زور پري امانت واپس ڏيارين، آخرڪار سيني جي زور پرڻ تي عورت اهي 100 دينار ان کي موٽائي ڇڏيا، هڪ سال گذرڻ کان پوءِ ٻيو شخص آيو ۽ پنهنجي رقم جو مطالبو ڪرڻ لڳو، عورت چيائين تنهنجو ساٿي مون وٽ آيو هو ۽ ان تنهنجي باري ۾ هي ٻڌايو ته تون مري ويو آهين، تنهنڪري مون اهي تمام دِينار ان کي ڏئي ڇڏيا آهيان. بهرحال اهو مُقدّمو پهريان حضرتِ سَيدُنا عمر بِن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ وٽ پيش ڪيو ويو، پر عورت جي گذارش تي پاڻ انهن ٻنهي کي حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ وٽ موڪلي ڇڏيو، عورت جي زباني واقعي جو تفصيل ٻڌي پاڻ ڄاڻي ورتو ته ٻنهي ساٿين گڏجي عورت کي ڏوڪو ڏنو آهي، پاڻ ان شخص کي فرمايائون: ڇا توهان ٻنهي ساٿين هن عورت کي هي نه چيو هو ته جيستائين اسان ٻئي گڏ نه اچون، اسان مان ڪنهن هڪ کي هي دينار نه ڏجان؟ ان چيائين: جي ها اسان اها ئي ڳالهه طي ڪئي هئي. پاڻ فرمايائون ته توهان جو مال اسان جي ذمي آهي، وڃ! پنهنجي ساٿي کي وٺي اچ ته جيئن اسان توهان جي امانت توهان کي ادا ڪريون.

(ڪتاب الاذکیاء،الباب الثامن،ص٣٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو تہ اَمِيرُ المُومِنِين حضرتِ سَيدُنا عَلِيِ المُرتَضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بي پناھ علم سان گڏ اعليٰ قسم جي ذھني صلاحيتن سان بہ نوازيو ھو، اھو ئي سبب آھي تہ پاڻ پنھنجي ذھانت سان ان عورت کي ٻن ماڻھن جي مڪر ۽ فريب جي ڪري پھچڻ واري مالي نقصان کان بچائي ورتو.

ياد رھي تہ حضرتِ سَيدُنا عَلِيِ المُرتَضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ جي ذاتِ گرامي ڪيئي ڪمالات ۽ خوبين کي پاڻ اندر سمايل آھي، مثال طور پاڻ شيرِ خدا بہ آھن ۽ دامادِ مُصطفيٰ بہ، حيدرِ ڪرار بہ آھن ۽ صاحبِ سخاوت بہ، صاحبِ شجاعت بہ آھن ۽ عبادت و رياضت وارا پڻ، فصاحت و بلاغت وارا بہ آھن ۽ علم وارا بہ، الغرض پاڻ ڪيئي ڪمالات ۽ خوبين جا جامع آھن ۽ ھر ھڪ ڪمال ۽ خوبي ۾ ھڪ منفرد ۽ واضح مرتبو رکن ٿا. اچو سندن سيرتِ مبارڪ جي ذڪرِ خير سان ڪجھ برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

## سندن جو نالو ۽ نسب

سندن جو نالو "علي بن ابي طالب" ۽ ڪنيت "ابوالحسن" بہ آھي ۽ "ابو تُراب" بہ، پاڻ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي چاچي ابو طالب جا صاحبزاده ۽ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا سوٽ آھن. سندن والده محترمہ جو نالو مبارڪ "فاطمہ بنت ِ اسد بن ھاشم" آھي جنھن اسلام قبول ڪيو، ھجرت ڪئي ۽ مدينہ ۾ وفات ماڻي. (معرفة الصحابة،معرفة نسبة علي بن ابي طالب، ١/٩٥،ملخصا)

www.dawateislami.net

## پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو اسلام قبول ڪرڻ

اَمِيرُ المُومِنِين حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ننڍي ڄمار ئي ۾ اسلام قبول ڪري ورتو هو جيئن تہ اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا تہ جنهن وقت حضرت عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ اسلام قبول ڪيو ان وقت سندن عمر 8، 10 سال هئي. (فتاويٰ رضويه، ۴۳۴/۲۸، مفهوما)

## پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو رشتو اخوت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُ المُومِنِين حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي ذاتِ مبارڪ ننڍپڻ کان ئي سرڪار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي نورِ نظر هئي، پاڻ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پرورش ۾ رهيا، سندن جون ڪيئي خاصيتن (Qualities) مان هڪ خاصيت اها بہ آهي تہ پاڻ رحمت عالم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا سوٽ هئڻ سان گڏوگڏ "عقدِ مواخات" (يعني اهو معاهدو جنهن ۾ نبي اڪرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انصار ۽ مهاجرين کي هڪ ٻئي جو ڀاءُ ٻڌايو هو) ۾ بہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا ڀاءُ هئا. جيئن

حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن مدينہ منوّره ۾ ڀائيچارو قائم ڪيو، تہ حضرت عليُّ المرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللہ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم روئيندي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان سڀني صحابہءِ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم فرمايو، پر مون کي ڪنهن جو ڀاءُ نہ ٻڌايو؟

www.dawateislami.net

رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”اَنْتَ اَخِيْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ (اي علي) تون دنيا ۾ بہ منهنجو ڀاءُ آهين ۽ آخرت ۾ بہ منهنجو ڀاءُ آهين.“
(ترمذي،ڪتاب المناقب،باب مناقب علي بن ابي طالب ،۵/ ۴۰۱، حديث: ۳۷۴۱)

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ، شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جو ڪهڙو مقام ۽ مرتبو آهي جو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڏي شفقت فرمائيندي سندن کي پنهنجو دِيني ڀاءُ ٻڌايو، صرف اهو ئي نہ بلڪ نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرتِ عَلِي المُرتَضيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جو اهڙو شان ۽ عظمت بيان فرمايو جو ان سان محبت ڪرڻ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ ۽ ان سان دشمني ڪرڻ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان دشمني رکڻ قرار ڏنو ويو.

## علي جو دشمن، اللّٰه جو دشمن آهي

حضرتِ سَيدَتُنا اُمِ سلمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْها کان روايت آهي تہ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ عَلِيًا فَقَدْ اَحَبَّنِي وَ مَنْ اَحَبَّنِي فَقَدْ اَحَبَّ اللّٰه يعني جنهن علي سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي ان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪئي، وَمَنْ اَبْغَضَ عَلِيًا فَقَدْ اَبْغَضَنِي وَمَنْ اَبْغَضَنِي فَقَدْ اَبْغَضَ اللّٰهَ يعني جنهن علي سان بُغض رکيو ان مون سان بُغض رکيو ۽ جنهن مون سان بُغض رکيو ان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان بُغض رکيو. (معجم ڪبير،ابوطفيل عن ام سلمة،۳۸۰/۲۳، حديث:۹۰۱)

ارشاد فرمايائون: مَنْ سَبَّ عَلِيًا فَقَدْ سَبَّنِي يعني جنهن علي کي بُرو چيو تہ تحقيق ان مون کي بُرو چيو. (السنن الكبري ،ڪتاب الخصائص،باب قول النبي من سب...الخ، ۱۳۳/۵، حديث: ۸۴۷۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن احاديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ حضرتِ سَيِدُنا عَلِيِ المُرتَضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ايترو قرب ۽ ويجهڙائپ حاصل آهي جو جنهن عَلِيِ المُرتَضيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شان ۾ گستاخي ۽ بي ادبي ڪئي تہ ڄڻ ان حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾ گستاخي ۽ بي ادبي ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي سيني صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ عَلِيِ المُرتَضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو ادب و احترام ڪرڻ ۽ انهن جي شان ۽ عظمت کي پنهنجي دلين ۾ ويهارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

جس کسی کا میں ہوں مولیٰ اس کے مولیٰ ہیں علی ۔ ہے یہ قولِ مُصْطَفٰے مولیٰ علی مشکل کُشا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رسالو "ڪراماتِ شيرِ خدا" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دلين ۾ اَمِيرُ المُومِنين حضرتِ سَيِدُنا عَلِيِ المُرتَضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو شان ۽ عظمت ويهارڻ، سندن نقشِ قدم تي هلڻ ۽ سندن سيرت جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المَدينہ جو شائع ڪيل رسالو "**ڪراماتِ شيرِ خدا**" جو مطالعو ڪرڻ بيحد مفيد رهندو. هن رسالي ۾ ❀حضرتِ سَيِدُنا عَلِيِ المُرتَضيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان ظاهر ٿيڻ وارين ڪيئي ڪرامتن جو ذڪر ❀ سندن جي علمي ۽ عملي فضيلتن جو بيان ❀ اوهان سان محبت ڪرڻ جو انعام ۽ سندن سان بغض رکڻ جو انجام ❀صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ اهم معلومات جو بيان ❀غير الله

ڪان مدد گهرڻ جي باري ۾ سوالن جا جواب وغيره بيان ڪيا ويا آهن. تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طَلَب فرمائي پاڻ بہ ان جو مُطالعو فرمايو، ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ توفيق مطابق وڌيڪ تعداد ۾ حاصل ڪري تقسيمِ رسائل جي نيت ڪري وٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علي المرتضيٰ جو علمي رُتبو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُ الْمُومِنِين حضرتِ سَيِدُنا عَلِي المُرتَضيٰ،شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ذاتي ۽ اخلاقي اوصافِ ڪريمہ، اخلاقِ حسنہ، زندگي گذارڻ جي انداز، ڏينهن رات عبادات ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو، تقويٰ ۽ پرهيز گاري، اوهان جون بي پناهہ علمي خدمتون ۽ ان طرح جا بي شمار اوصاف ۽ ڪمالات اوهان جي ذات سان وابستہ (Attached) آهن، اوهان جا علمي ڪارناما انتهائي حيرت انگيز آهن، وڏا وڏا فقهاءِ ڪرام ۽ مفتيانِ عُظّام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَامُ علم جي معاملي ۾ حضرتِ سَيِدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا محتاج نظر اچن ٿا، اهو ئي نہ بلڪ هن علم جي بدولت اوهان جي شان و شوڪت فقهاء صحابہ عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۾ بہ معروف ۽ مشهور هئي. جي ها! صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي ويجهو بہ اوهان جو مقام ۽ مرتبو تمام مٿانهون ۽ اعليٰ هو. اچو سندن علمي شان جي باري ۾ بعض صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جا اقوالِ مبارڪ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا،

## صحابہ ڪرام جي نزديڪ علمي مقام

حضرتِ سَيدُنا عَبدُاللّٰه بِن عبَّاس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا فرمائن ٿا تہ اسان جڏهن بہ حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان ڪنهن مسئلي جي باري ۾ پڇيو تہ هميشہ درست ئي جواب مليو. ❀حضرتِ سَيدُنا عَبدُاللّٰه بِن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا فرمائن ٿا تہ مديني وارا علي بن ابي طالب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان فيصلو ڪرائيندا هئا ❀حضرتِ سَيدُنا سعيد بِن مسيب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صحابہ ۾ حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان علاوہ ٻيو ڪو هي چوڻ وارو نہ هو تہ جيڪو ڪجهہ پڇڻو هجي مون کان پڇي وٺو. (اسد الغابۃ، علي بِن ابي طالب ، علمہ رضي الله عنہ،۴/ ۱۰۹) ❀ اهڙي طرح حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي اعليٰ علمي صلاحيت ۽ شرعي مسائل ۾ ڀرپور قابليت جو اندازو هن ڳالهہ کان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ اُمُّ المومنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جهڙي عظيم عالمہ جيڪا پنهنجي والدِ محترم حضرت سيدُنا صِدِّيقِ اَڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي خِلافت واري دؤر کان ئي مُستقِل طور تي اِفتاء جي مَنصَب تي فائز ٿي چڪي هيون ۽ جنهن ڪي علمِ قرآن، علمِ ميراث، علمِ طِبّ، حلال ۽ حرام، شعر، اَقوالِ عرب، علمِ نسب وغيره ۾ مهارت حاصل هئي اهڙي زبردست علمي صلاحيت واري هستي جي اڳيان بہ هڪ ڀيري حضرتِ سَيدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو ذِڪر ٿيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جن فرمايائون تہ عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ حديثن جو سڀ کان وڌيڪ علم رکڻ وارا آهن. (تاريخ الخلفاء،علي بِن ابي طالب، ص۱۷۱)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام جي هنن فرمانن جي روشنيءَ ۾ معلوم ٿيو تہ حضرتِ علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي عظيم الشان ذهانت ۽ معاملات کي سمجهڻ جي ڀرپور صلاحيت جو هر هڪ کي اعتراف هو، بلڪ ٻي خليفي حضرتِ سَيِدُنا عمر بِن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جيڪي پاڻ بہ نهايت ماهر قاضي هئا بلڪ اُمّت جا سڀ کان پهريان قاضي پڻ هئا ۽ ماڻهن جي اختلافات جي حل جي لاءِ شهرن ۾ قاضي مقرر ڪرڻ جي باقاعده نظام جو بنياد بہ پاڻ ئي رکيو هو. (الاوائل للعسكري،ص٣٥٧) پر ايترا وڏا قاضي هئڻ جي باوجود پاڻ پنهنجي دورِ خلافت ۾ بعض اوقات حضرت عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي موجودگي کان بغير ڪو فيصلو ئي نہ ڪندا هئا. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي نظر ۾ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو جيڪو مقام ۽ مرتبو هو ان کي پاڻ هڪ موقعي تي هنن لفظن سان بيان فرمايو: عَلِي اَقْضَانَا يعني حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ اسان مان سڀ کان وڏا قاضي آهن. (مسند امام احمد،مسند الانصار،٦/٨،حديث: ٢١١٤٣)

پاڻ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بہ اوهان کي سڀ کان وڏو قاضي قرار ڏيندي ارشاد فرمايائون تہ منهنجي اُمّت ۾ سڀ کان وڏا قاضي علي بن ابي طالب آهن. (ابن ماجه ،كتاب السنة،فضائل خباب،١٠٢/١،حديث:١٥٤ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا علي المرتضي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي فيصلو ڪرڻ جي جيڪا ڀرپور صلاحيت ۽ دورِ فاروقي جي تمام قاضين تي جيڪو اعزازحاصل هو ان جو اندازو هن ڳالهہ سان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي عدالت ۾ وقتاً فوقتاً جيڪي مقدمات ايندا هئا انهن کي حل ڪرڻ جي طريقي ڪار جي باري ۾ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب "**فيضانِ فاروقِ اعظم**"جلد 2 جي صفحي 308

www.dawateislami.net

تي لڪيل آهي تہ بعض دفعا تہ سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه اڪابر صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي مُشاوَرت سان اهڙن پيچيده مسئلن ڪي پاڻ ئي حل ڪندا هئا. پر ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو هر طرح جي ڪوشش جي باوجود بہ ڪو مسئلو حل نہ ٿيندو هو. اهڙي مشڪل صورتِ حال جي لاءِ امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه پنهنجي دربار جو هڪ خصوصي جج (Special Judge) بہ مقرر ڪيو هو، جنهن کي اڄ اسان امير المؤمنين، مولاءِ ڪائنات حضرت سيدُنا مولا علي شيرخدا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي مبارڪ نالي سان ياد ڪيون ٿا، جڏهن بہ ڪو اهڙو مسئلو ايندو هو تہ سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه اوهان کي سڏائيندا هئا ۽ مسئلو اوهان اڳيان رکندا هئا پوءِ حضرت سيدُنا علي المرتضي شير خدا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ان کي حل ڪندا هئا.

(فيضانِ فاروقِ اعظم، ۳۰۸/۲)

بعض اوقات تہ انتهائي مشڪل معاملي کي حضرت علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ايتري قدر آساني سان حل ڪندا هئا جو امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم ساراهہ ڪرڻ بغير نہ رهندا هئا. اچو هن باري ۾ 3 ايمان افروز واقعا پڙهون ٿا.

## فاروقِ اعظم جي نظر ۾ مولٰي مشڪل ڪشا جي اهميت

هڪ ڀيري حضرتِ سَيدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي اڳيان هڪ اهڙي عورت پيش ڪئي وئي جيڪا شرعي گواهن ۽ ثُبوتن جي روشني ۾ مجرم قرار ڏني وئي تہ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ان عورت جي لاءِ شريعت جي مطابق فيصلو بيان فرمائي ڇڏيو پر اتفاق سان ان مسئلي جي هڪ خاص پهلو

www.dawateislami.net

ڏانهن حضرت سَيدُنا عمر فاروق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جو ڌيان نہ ويو. جڏهن حضرت سَيدُنا علي المرتضي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ان پهلو ڏانهن ڌيان ڏياريو تہ حضرتِ سَيدُنا عمر بِن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه پنهنجو فيصلو واپس ورتو ۽ فرمايائون: لَوْ لَا عَلِی لَهَلَكَ عُمَرُ يعني جيڪڏهن حضرت علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه نہ هجن ها تہ عمر هلاڪ ٿي وڃي ها.

(الاستيعاب ،باب حرف العين،۳ /۲۰۶ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ اهي واقعا ٻڌي اسان پاڻ ئي دِيني مسئلن ۾ قياس آرائيون شروع ڪيون ۽ پنهنجي اندازي سان ماڻهن کي مسئلا ٻڌائيندا وتون يا پنهنجي اٽڪل سان ديني معاملن ۾ ماڻهن جا فيصلا ڪرڻ شروع ڪيون، ياد رکو! هي ڪم صرف ۽ صرف عُلما ۽ فُقها جو آهي، تنهنڪري اسان کي هر حال ۾ شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ڏنل مدني سوچ جي مطابق تہ عُلما ۽ مفتيانِ ڪرام ئي کان رهنمائي وٺڻ گهرجي. اچو اميرالمؤمنين حضرت سَيدُناعمرفاروق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جو هن باري ۾ ڇا انداز هوندو هو ملاحظ ڪريو.

## مان اتي نہ رهان جتي مولا علي نہ هجن

حضرت سيدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا تہ امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه حج جي لاءِ تشريف کڻي ويا، پاڻ طوافِ ڪعبہ ڪندي حجرِ اسود ڏانهن ڏسي ارشاد فرمايائون: مون کي خبر آهي تہ تون صرف هڪ پٿر آهين جيڪو نہ تہ نفعو ڏئي سگهي ٿو ۽ نہ ئي

www.dawateislami.net

نقصان ۾ جيڪڏهن مون ۾ هي جهانن جي مالِڪ و مختار، مڪي مَدَني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تو کي چُمندي نہ ڏسان ها تہ مان بہ ڪڏهن تون کي نہ چُمان ها. پوءِ پاڻ ان کي چميو. اهو ٻڌي مولا علي شيرِخدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: اي امير المومنين! بيشڪ هي پٿر نفعو بہ ڏيندو آهي ۽ نقصان بہ. فرمايائون: اهو ڪيئن؟ عرض ڪيو: بيشڪ مان هن ڳالهہ جي گواهي ڏيان ٿو تہ مون رسولِ اڪرم نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ سڀاڻي بروزِ قيامت حجرِ اسود کي آندو ويندو هن حال ۾ جو ان جي هڪ زبان هوندي جنهن جي ذريعي هو گواهي ڏيندو تہ فلاڻي شخص ان کي ايمان جي حالت ۾ چميو هو. اي امير المومنين! اهو ئي هن جو نقصان ۽ نفعو ڏيڻ آهي. هي ٻڌي امير المومنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن ارشاد فرمايو: اي ابوالحسن! مان الله عَزَّوَجَلَّ کان هن ڳالهہ جي پناهہ گهران ٿو مان اهڙي قوم ۾ رهان جنهن ۾ اوهان نہ هجو.

(شعب الايمان للبيهقي،باب في المناسڪ،فضيلة حجر الاسود،۴۵۱/۳،حديث:۴۰۴۰ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اهل بيت سان حقيقي محبت

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ !امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ڇا ڳالهہ ڪجي! پاڻ ٻيا خليفہ، تمام اهلِ ايمان جا امير، فاتح ايران ۽ رُوم، جنهن جي نالي جي هيبت سان سڄو ڪفر ڏڪندو هو، جنهن جي سايي کان بہ ابليس لعين ڀڄندو هو، جنهن کي بارگاهہ رسالت مان "مُحَدَّثْ" يعني اِلهامي ڳالهيون ڪندڙ جو خطاب مليو، جنهن کي بارگاهہ رسالت مان ''فاروق'' جو لقب عطا ٿيو، جنهن جي تائيد ۾ قرآن پاڪ جون ڪيئي آيتون نازل ٿيون،

www.dawateislami.net

جنهن کي سڀ کان پهريان مسلمانن ”**امير المؤمنين**“ پڪاريو، اهڙي جليلُ القدر هستي جي دل ۾ پنهنجي رسولِ بَرحق، حضور نبي مڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اهل بيت جي عظمت ۽ محبت جو ڇا عالم هو جو سندن جي فيصلن جي تائيد تہ قرآن ڪندو آهي، پر پاڻ مولا علي شير خدا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کي پنهنجي عدالتن جو خصوصي جج ۽ پنهنجو معاونِ خصوصي بڻايو هو، ٿورو سوچيو! هي تعلق ڪيترو پيارو آهي جو رسولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا خليفہ سيدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه آهن، سيدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه پاڻ سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کي قاضي مقرر فرمايو ۽ سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه قضا جي معاملات ۾ مولا علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کي پنهنجو معاون ۽ خصوصي جج مقرر فرمايو. يقيناً امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه جو مولا علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کي خصوصي جج بنائڻ ۽ انهن کي پنهنجو معاون خصوصي بنائڻ اهلِ بيت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهم اَجۡمَعِين سان والهانہ الفت ۽ محبت تي دلالت ڪري ٿو.

تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي دلين کي اهلِ بيت جي حقيقي محبت جو مرڪز بڻايون ۽ پياري آقا عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِضۡوَان ۽ اهلِ بيت سان حقيقي محبت رکڻ وارن جي صحبت اختيار ڪريون، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن پُرفتن دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان جي لاءِ تمام وڏي نعمت آهي جو جنهن ۾ نہ رڳو عشقِ رسول بلڪ محبتِ صحابہ، محبتِ اهلِ بيت ۽ محبتِ اولياء جا جام پري پري پيئاريا ويندا آهن، اسان کي گهرجي تہ نہ رڳو هن مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهون بلڪ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ کان هن مدني ماحول ۾ استقامت جي دُعا بہ گهرندا رهون، ٻين کي

www.dawateislami.net

هن مدني ماحول سان وابستہ ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان حضرتِ سَيِّدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي روشن فيصلن جي باري ۾ جيڪي ايمان افروز واقعا ٻُڌا، هنن مان سندن قوتِ فيصلہ جي شان ۽ عظمت خُوب ظاهر ٿيندي آهي تہ جنهن مقدمي جو فيصلو ڪرڻ ٻين جي وس کان ٻاهر ٿي ويندو هو، ان جو فيصلو حضرت علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه نهايت آساني سان ڪندا هئا ڇاڪاڻ تہ پاڻ کي فيصلو ڪرڻ جي اها خدا داد صلاحيت اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُبارڪ دُعائن جي صدقي ۾ نصيب ٿي هئي. جيئن تہ

## فيصلو ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ دشواري نہ ٿي

اَمِيرُ المُومِنِين حضرتِ سَيِّدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه پاڻ ارشاد فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي يمن ڏانهن قاضي بڻائي موڪليو تہ مون عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! اوهان مون کي يمن موڪلي رهيا آهيو، يمن وارا مون وٽ مقدَّمات جو فيصلو ڪرائڻ ايندا جڏهن تہ مون کي انهن جي باري ۾ معلومات نہ آهي. حضورِ اڪرم، نورِمجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:ويجهو اچ ، مان ويجهو ٿيس پوءِ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي سيني تي هٿ هنيو ۽ منهنجي لاءِ دُعا فرمائي: اي الله عَزَّ وَجَلَّ! هن جي دل کي روشن فرماءِ ۽ ان جي زبان ۾ تاثير عطا فرماءِ .

(پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا) قسم آهي! ان ذات جو جيڪا نِنڊڙي ٻج مان وڻ پيدا ڪندو آهي، هن دُعا کان پوءِ مان ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلو ڪرڻ ۾ ڪڏهن شُڪوڪ ۽ شُبهات ۾ مبتلا نہ ٿيس. (اسد الغابۃ،علي بن ابي طالب،علمه رضي الله عنه،۴/ ۱۰۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”مدني انعامات“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دلين ۾ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي عظمت ويهارڻ، انهن جي سيرت تي هلندي خوب نيڪيون ڪرڻ، پنهنجي اَخلاق کي سنوارڻ ۽ پنهنجي گُفتار ۽ ڪردار کي صاف ۽ سٿرو ڪرڻ، پنهنجي قبر ۽ آخرت کي بهتر کان بهتر بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مهڪي مهڪي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو. 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم، مدني اِنعامات جو رسالو جمع ڪرائڻ بہ آهي.

## ماهہ مدني انعامات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني کي مدني انعامات جو مهينو ملهايو پيو وڃي: فرمانِ امير اهلسنّت: (29شعبان المعظم 1438 کان رمضان المبارڪ تائين) مدني انعامات جو مهينو ملهايو وڃي. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ. اوهان بہ مدني انعامات جو مهينو ملهائڻ جي نيت ڪري وٺو ۽ پنهنجي لاءِ مدني انعامات جا 12 مهينن جا 12 رِسالا خريد ڪري وٺو ۽ هر مهيني مدني انعامات جي رِسالي جا خانا پري مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي جي مدني انعامات ذمہ دار کي جمع ڪرايو.

www.dawateislami.net

**دُعاءِ عطار:** يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو صدقِ دل، سچي دل سان مدني انعامات تي عمل ڪري، روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي رِسالو پُر ڪري ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذمہ دار کي جمع ڪرائي يا ڪري، ان کي ان کان پهريان موت نہ ڏئي جيستائين هو ڪلمو نہ پڙهي وٺي.اٰمين

مدني انعامات حقيقت ۾ پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻ جو هڪ آسان ۽ مؤثّر طريقو آهي جنهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ فڪرِ مدينہ چونداَ آهن، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان جو اَسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام نہ رڳو پاڻ پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪندو هو بلڪ ماڻهن کي بہ فڪرِ آخرت جو ذِهن ڏيندو هو جيئن تہ اَمِيرُ المُؤمنين حضرتِ سَيدُنا عُمر ِفارُوق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: پنهنجي عملن جو وزن ڪري وٺو ان کان پهريان جو انهن جو وزن ڪيو وڃي ۽ پنهنجو مُحاسَبو ڪري وٺو ان کان پهريان جو توهان سان حساب ورتو وڃي، بيشڪ اهو توهان تي قيامت جي ڏينهن جي حساب کان آسان آهي ۽ وڏي پيشي جي لاءِ تيار ٿي وڃو. (حلية الاولياء ،عمر بن الخطاب، ۸۸/۱، رقم: ۱۳۵)

## عاملين مَدَني انعامات جي لاءِ بشارتِ عظمي

زم زم نگر حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح حلفيہ بيان آهي تہ رجبُ المُرَجَّب سن 1426 هجري جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت جي عظيم سعادت حاصل ٿي. چپ مُبارڪ چُرڻ لڳا ۽ رحمت جا گل وسڻ لڳا ۽ منا لفظ ڪجهه هن طرح سان مرتب ٿيڻ لڳا: جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني

www.dawateislami.net

انعامات جي متعلق فڪرِ مدينہ ڪندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائيندو.

خوب خدمت سنتوں کی رات دن کرتے رہو تم رسالہ مدنی انعامات کا بھرتے رہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رَمَضَانُ الْمُبَارَڪ جو پاڪيزه مهينو اسان جي وچ ۾ پنهنجون برڪتون ۽ رحمتون لٽائي رهيو آهي، هن مبارڪ مهيني ۾ جتي بعض بزرگن جو عرس ملهايو ويندو آهي ۽ انهن جو ذڪرِ خير ڪيو ويندو آهي اتي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نيڪ ٻانهي ۽ مقرب ولي جو يومِ **ولادت بہ ملهايو** ويندو آهي، جنهن ڪي دُنيا اڄ شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي نالي سان سڃاڻي ٿي ۽ تہ دل سان اوهان جي ناماچاري ۽ عظمت ڪي مڃندي آهي. اچو رمضانُ المبارڪ ۾ سندن يومِ ولادت جي مُناسبت سان سندن ڪجھ ذِڪر خير ٻڌون ٿا:

## تعارفِ اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه 26 رَمَضَانُ الْمُبَارَڪ 1369ھ بمطابق 1950ء ۾ پاڪستان جي مشهور شهر باب المدينہ ڪراچي ۾ پيدا ٿيا. اميرِاَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي جا ابا ڏاڏا، هند جي ڳوٺ "ڪُتيانہ (جُونا ڳڙھ)" ۾ مقيم هئا. پاڻ جا ڏاڏا جان عبدالرحيم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي نيڪ نامي ۽

پارسائي سڄي ”ڪتيانہ“ ۾ مشهور هئي. جڏهن پاڪستان مَعرِضِ وُجود ۾ آيو تہ اميرِاَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جا والدين ماجِدَين هجرت ڪري پاڪستان تشريف وني آيا. ابتدا ۾ بابُ الاسلام (سنڌ) جي مشهور شهر حيدرآباد ۾ قِيام فرمايو. ڪجهه عرصو اتي رهڻ کان پوءِ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اتي سُڪونَت يعني رهائش اختيار ڪئي.

## علمِ دين جو شوق

اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه کي علمِ دين حاصل ڪرڻ جو بيحد شوق ۽ جذبو هو، اهو ئي سبب آهي تہ پاڻ دورِ جواني ئي ۾ ديني علومِ جي زيور سان آراستہ ٿي چڪا هئا. پاڻ حصولِ علم جي ذريعن مان ڪتاب پڙهڻ ۽ عالم سڳورن جي صحبت کي اختيار ڪيو. هن سلسلي ۾ پاڻ سڀ کان وڌيڪ استفادو مُفتيِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا مُفتي وقارُالدين قادِري رَضَوي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه وٽان ڪيو ۽ مسلسل 22 سال سندن صحبتِ بابَرَڪت سان فيض حاصل ڪندا رهيا ۽ پوءِ هڪ وقت اهڙو آيو جو انهن اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه کي پنهنجي خلافت ۽ اجازت سان بہ نوازي ڇڏيو.

## پاڻ جا معمولاتِ زندگي

❀ اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي زندگي وقت جي پابندي ۽ مستقل مزاجي ۾ مشهور آهي، پاڻ مسلسل با جماعت نماز ادا ڪن ٿا ۽ سنتن ۽ آداب جو هر وقت لحاظ رکن ٿا. ❀ پاڻ عام طور سادو ۽ سفيد لباس بغير استري جي استعمال ڪرڻ پسند ڪن ٿا جڏهن تہ مٿي تي ننڍي سائز جو سادو سبز

www.dawateislami.net

عمامو ٻڌن ٿا.❀پاڻ ماڻھن جي اصلاح ڪرڻ جي معاملي ۾ بي حد مُتَحَرِّڪ نظر ايندا آھن.❀ پاڻ ڪڏھن بہ ڪنھن خلافِ شرع يا خلافِ سنّت ڪم ڪي ڏسي ماٺ نٿا رھن بلڪ ھڪدم اَحسن ۽ پياري انداز ۾ پيار ۽ محبت سان سامھون واري جي اصلاح ڪندا آھن.❀هن پُرفِتن دور ۾ علمِ دين سان بي رغبتي ۽ ھر خاص ۽ عام جو رُجحان صرف دُنياوي تعليم ڏانھن ٿيڻ جي ڪري ۽ ديني مسئلن بابت ڄاڻ نہ ھئڻ جي ڪري ھر پاسي جھالت ڦھلجندي پئي وڃي، اھڙن نازڪ حالتن ۾ پاڻ ڏينھن رات دين جي خدمتن ۾ مصروفِ عمل رھيا ايستائين جو پاڻ 1401 ھ بمطابق 1981ء ۾ تبليغِ قرآن وسنت ڪي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جھڙي عظيم ۽ عالمگير تحريڪ جو بنياد رکيو.❀يقيناً پاڻ جي ذاتِ مبارڪ سان وابستہ ماڻھن جي زندگي ۾ مدني انقلاب ايندو پيو وڃي، ماڻھو گناھن کان توبہ ڪري نيڪين ڏانھن مائل ٿين پيا، تنھنڪري اسان کي گھرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي شيخِ طريقت، امير اھلِسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي سندن عطا ڪيل ھن مدني مقصد کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪيون تہ **”مون کي پنھنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آھي“**. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس خدام المساجد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سنّتن ڀري غير سياسي **"مسجد ڀريو تحريڪ"** ھئڻ سان گڏوگڏ **" مسجد بڻاؤ تحريڪ"** بہ آھي، ھي مدني

www.dawateislami.net

تحريڪ اهو عزم رکي ٿي تہ ڪهڙي بہ نموني اُمّت جو ٻچو ٻچو نمازي ۽ عاشقِ رسول بڻجي وڃي، مسجدن جي رونق موٽي اچي، هر پاسي سُنّتن جي مدني بهار اچي وڃي، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسجدن کي آباد ڪرڻ سان گڏوگڏ نئين مسجدن بنائڻ جو سلسلو بہ جاري وساري آهي، هن وقت بہ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مجلس خدام المساجد جي تحت سوين مسجدون زيرِ تعمير آهن، سوين مسجدون بڻجي چڪيون آهن، جنهن ۾ باقاعده نمازون پڙهايون پيون وڃن، **تِلاوتِ قرآن ۽ دُرود و سلام** جون صدائون بُلند ٿي رهيون آهن. اسان کي بہ کپي تہ مسجدن کي آباد ڪرڻ سان گڏوگڏ **زيرِ تعمير مسجدن** جي اخراجات ۾ حسبِ توفيق پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريون. اللّٰه تبارڪ وتعاليٰ اسان کي دِل کولي پنهنجي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.اٰمين

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر حال ۾ صَدَقو ڪريو

اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سيدُنا عَلِي الْمُرتضٰي، شيرِخُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيم فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان وٽ دُنيا جي دولت اچي تہ ان مان ڪجهہ خَرچ ڪريو ڇوتہ خَرچ ڪرڻ سان اها ختم نہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن دُنيا جي دولت توهان کان منهن موڙي وڃڻ لڳي تہ بہ ان مان ڪجهہ خَرچ ڪريو ڇوتہ ان کي باقي ناهي رهڻو. (احياء العلوم،۳/۷۳۸)

مجھ کو دُنیا کی دولت نہ زَر چاہیے
شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہیے

www.dawateislami.net

حضرت سيدُنا حُذَيفه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا: دِين جا گُنهگار ۽ زندگي ۾ لاچار ۽ بدحال کوڙ ماڻهو صرف پنهنجي سخاوت جي ڪري جنّت ۾ داخِل ٿي ويندا.
(احياء العلوم،۳/۷۴۰)

بِلا حساب ہو جنّت میں داخلہ یا ربّ
پڑوس خُلد میں سَروَر کا ہو عطا یا ربّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي اهلِ حق جي عالمگير غيرسياسي،مسجد ڀريو تحريڪ آهي جيڪا تبليغ دِين جي تقريباً 103شعبن ۾ نيڪي جون ڌومون مچائڻ ۾ سرگرمِ عمل آهي. هن نازُڪ دَور ۾ جڏهن باطل قوّتون چئني پاسن کان پوري طاقت سان مسلمانن جي ايمان کي برباد ڪرڻ ۽ اُنهن کي گمراهي جي کڏ ۾ ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن، اهڙي ۾ دعوتِ اسلامي اُمّيد جي ڪِرَن بڻجي چمڪي ۽ هن مدني تحريڪ اُمّت جي ٻڏندڙ ڪشتي کي سهارو ڏيڻ، سڄي دُنيا ۾ تعليمِ قرآن و سُنّت کي عام ڪرڻ، نُورِ قرآن سان سينن کي سرشار ۽ اُمَّتِ مُصطَفٰي کي خوابِ غفلت مان بيدار ڪرڻ جي جذبي تحت مختصر عرصي ۾ گهڻن ملڪن ۽ شهرن ۾ هزارين جامعات بنام **”جامعة المدينہ“** ۽ مدني منّن ۽ مدني مُنّين جي لاءِ سوين مدرسا بنام **”مدرسة المدينہ“** جو بُنياد رکيو، اِن ۾ بِلامبالغہ هزارين شاگرد ۽ شاگرداڻيون قُرآن ۽ سنت جي مُفت تعليم حاصل ڪن ٿا، جتي اُنهن کي زيورِ قرآن ۽ علمِ دين نيز شرعي ۽ اخلاقي تربِيت سان آراستہ ڪرڻ جو خصوصيت سان اهتمام ڪيو ويندو آهي، تہ جيئن دَورِ طالبِ علمي کان فراغت کان بعد قوم جا اهي حقيقي مِعمار مُعاشري جي بگاڙ کي سڌارڻ ۾ پنهنجو ڪردار اَدا ڪندي، شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي عطا ڪيل هن مدني مقصد جي تحت زندگي گُذارڻ

www.dawateislami.net

وارا ٻڌجي وڃن تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ “

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥)

کاش !نیکی کی دعوت میں دوں جا بجا سنّتیں عام کرتا رہوں جا بجا

## سلام ڪرڻ جون سُنتون ۽ آداب

❀ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي.

❀سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ سلام واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (كيميائے سعادت) ❀اَلسَّلَامُ عَلَيكُمْ چوڻ سان ڏھ نيڪيون، اَلسَّلَامُ عَلَيكم وَرَحْمَةُ الله چوڻ سان ويھ نيڪيون جڏهن تہ اَلسَّلَامُ عَلَيكُمْ وَرَحْمَةُ الله وَبَرَكَاتُه چوڻ سان ٽيھ نيڪيون ملن ٿيون. (ترمذي،كتاب الاستئذان والادب،باب ما ذكر في فضل السلام، حديث:٢٦٩٨، ٣١٥/۴) ❀ سلام ۾ پهل ڪرڻ وارو تڪبر کان بري آهي

www.dawateislami.net

❀سلام ۾ پهل ڪرڻ وارو الله عَزَّ وَجَلَّ جو مقرب آهي❀سلام ڪرڻ ۽ سلام جو جواب ڏيڻ جا بهترين لفظ هي آهن اَلسَّلَامُ عَلَيكُمْ وَرَحْمَةُ الله وَبَرَكاتُه وَعَلَيكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ الله وَبَرَكاتُه يعني توهن تي سلامتي هجي ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي طرفان رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين. (فتاوٰي رضويه، ۴۰۹/۲۲) ❀سلام ايتري وڏي آواز سان ڪريو جو جنهن کي ڪيو اهو ٻڌي وٺي. (بهار شريعت، حصه ۱۶،ص۹۰) ❀سلام جو هڪدم ۽ ايتري آواز سان جواب ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي.❀اي اسان جا پيارا الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي سلام جي برڪتن سان مالا مال فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کان بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

1...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net